# محبتِ اهلِ بيت جون برڪتون

**18 June 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

18 جون 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 3 محرم شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# محبتِ اهلِ بيت جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿ … اهلِ بيت جي مُحبت فرض آهي
- ✿ … محبوبِ اِلٰهي بڻجڻ جو نصاب
- ✿ … عاشقانِ اهلِ بيت جو جنت ۾ داخلا جو منظر
- ✿ … سچو عاشقِ اهلِ بيت ڪير؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم:

صَلُّوْا عَلَيَّ وَاجْتَهِدُوْا فِي الدُّعَاءِ وَقُوْلُوْا اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ

**ترجمو:** يعني مون تي درود پاڪ پڙهو ۽ دعا ۾ خوب ڪوشش ڪريو ۽ چئو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حيث پاڪ ۾ درود پاڪ پڙهڻ ۽ دعا ۾ خوب ڪوشش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، هن مان اندازو ٿئي ٿو ته دعا ۽ درود جو پاڻ ۾ تمام گهرو تعلق آهي. حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو فرمان آهي: دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ لٽڪيل رهندي آهي، جڏهن درود پاڪ پڙهيو ويندو آهي ته اها مٿي پرواز ڪري ويندي آهي. (2)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: دعا جو مثال هڪ پکيءَ (*Bird*) وانگر آهي ۽ درود ان جو شهپَرُ (يعني سيني ڪان مضبوط پَرُ) آهي. جنهن جي ذريعي دعا آسمانن

1… نسائي، ڪتاب السهو، صفحه:221، حديث:1289۔

2… ترمذي، ابواب الوتر، باب ماجاء في فضل...الخ، صفحه:145، حديث:486۔

ڏانهن پرواز ڪندي، اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ پهچندي آهي ۽ قبول ٿيندي آهي.

(1) تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ دعائون بہ ڪثرت سان ڪريون ڇوتہ دعا پاڻ هڪ عبادت بلڪ عبادت جو مغز آهي ۽ هر دعا جي اول ۽ آخر ۾ درود پاڪ بہ لازمي پڙهون جو هي بهترين وظيفو آهي، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دعائون قبول ٿينديون.

جو اپنے کاموں کا اَنجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیش تر، درود پڑھو
نبی کے صدقے تمہاری مراد ہو حاصل | دعا کے اوّل و آخر اگر درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ! ◈ اللہ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1… فضائلِ دعا، صفحہ:69 بتصرف۔
2… نور ايمان،صفحہ:57۔
3… بخاري، کِتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

# محرم مهيني جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! محرم شريف جيڪو اسلامي سال(*Islamic year*) جو پهريون مهينو (*First month*) آهي، اَلحمدُلله! شروع ٿي چڪو آهي. هن مقدس مهيني کي شَهْرُالله (يعني الله پاڪ جو مهينو) به چيو ويندو آهي ۽ ان جو هي نالو حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو آهي. مُسْنَدْ اِمامِ اَحمد ۾ آهي ته هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! رمضان ڪريم کان علاوه ڪهڙي مهيني ۾ روزا رکان؟ فرمايائون: جيڪڏهن رمضان ڪريم جي فرض روزن کان سواءِ نفلي روزا رکڻ چاهيو ٿا ته پوءِ محرم شريف ۾ رکو، ڇوته هي الله پاڪ جو مهينو آهي.[1]

حضرت اَبُو عثمان نَهدِي رَحمةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم ٽن ڏهاڪن جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا: (1): ماهِ رمضان جو آخري ڏهاڪو (يعني 10 ڏينهن) (2-3): ذُوالحج ۽ محرم شريف جو پهريون عشرو (يعني شروعاتي 10 ڏينهن).[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اسان هنن 30 ڏينهن (يعني رمضان ڪريم جا آخري 10 ڏينهن، ذُوالحج ۽ محرم شريف جا شروعاتي 10،10 ڏينهن) جو ◈ تمام گهڻو احترام ڪريون ◈ انهن ۾ نيڪ ڪم ڪريون ◈ عِلمِ دين حاصل ڪريون ◈ خاص طور (*Necessarily*) انهن ۾ گناهن کان بچون ◈ نفلي روزا رکون ◈ نفلي عبادتون به ڪريون. اَلحمدُلله!

---

1…مسند امام احمد، مسند العشرة المبشرين بالجنة، مسند على بن ابى طالب، جلد:1، صفحه:427، حديث:1335۔

2…لطائف المعارف، وظائف شهر الله الحرام، المجلس الاول، الفصل الاول، صفحه:48۔

شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه محرم شريف جي شروعاتي **10** ڏينهن ۾ روزانو رات جو مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن (يعني سوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن). هي مدني مذاڪرو مدني چينل تي براهِ راست (***Live***) ڏيکاريو ويندو آهي، توهان به ان ۾ شرڪت ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عِلمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو، سني نيت هوندي ته رات جي عبادت جو ثواب به ملندو ۽ دين ۽ دنيا جون ڀلايون به نصيب ٿينديون.

## اهلِ بيت جي محبت فرض آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ لَّاۤ اَسْــٴَـلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِی الْقُرْبٰىؕ (پارو: **25**، سورة شوريٰ: **23**) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: مان ان تي توهان کان ڪو معاوضو نه ٿو گهران، سواءِ قرابت جي محبت جي. |

علّامه بغوي رَحمَةُاللهِعَلَيْه لکن ٿا: هن آيتِ ڪريمه جو هڪ مطلب هي به آهي ته (اي انسانو! مان توهان کي دين سيکاريان ٿو، توهان تائين دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون پهچايان ٿو) ان تي مان توهان کان ڪنهن به قسم جو ڪو اجورو يا بدلو نه ٿو گهران، پر! مان توهان کي قرابتداري جي محبت جي نصيحت ڪريان ٿو. هن مان معلوم ٿيو ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رشتيدارن (***Relatives***) جي محبت دين جي فرضن منجهان آهي. **(1)**

1…تفسيرِ بغوی،پارہ:25، الشوریٰ، زیرِ آیت :23، جلد:4، صفحہ:81 ، ملتقطًا۔

## اي الله پاڪ هنن سان محبت فرماءِ

حضرت اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ عظيم صحابيءِ رسول آهن، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا محبوب ۽ پيارا هئا. حديثِ شريف ۾ آهي:

مَنْ كَانَ يُحِبُّ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهُ، فَلْيُحِبَّ أُسَامَةَ

**ترجمو:** يعني جيڪو الله ۽ رسول سان محبت ڪندو آهي، ان تي لازم آهي تہ اُسامہ سان محبت ڪري.[1]

اللہ کا محبوب بنے جو تمھیں چاہے | اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو[2]

ترمذي شريف جيڪو حديثِ پاڪ جو تمام مشهور ڪتاب آهي، ان ۾ روايت آهي. حضرت اُسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري رات جو وقت هو، مون کي ڪا حاجت پيش آئي ۽ مان پنهنجي ان حاجت لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي ملاقات جو شرف بخشڻ لاءِ ٻاهر تشريف کڻي آيا، منظر ڪجهہ هن ريت هو تہ:

وَهُوَ مُشْتَمِلٌ عَلٰى شَيْءٍ لَا اَدْرِىْ مَا هُوَ

**ترجمو:** پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چادر مبارڪ ويڙهي رکي هئي ۽ ان چادر جي اندر ڪا شيءِ هئي، جيڪا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ پاڪ سان لپٽيل هئي. اها ڪهڙي شيءِ هئي؟ مون کي معلوم ناهي.

---

1 مصنف ابن شيبہ، ڪتاب الفضائل، باب ما جاء فی اسامة ...الخ، جلد:7، صفحہ:532، حديث:1۔
2 ذوقِ نعت ، صفحہ:206۔

خير! مون پنهنجي حاجت عرض ڪئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم منهنجي حاجت پوري فرمائي. پوءِ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي چادر جي اندر ڇا آهي؟ اِهو ٻڌي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم چادر مبارڪ هٽائي ڇڏي. ڇا ٿو ڏسان تہ اندر امامِ حسن ۽ امامِ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عنهما موجود آهن. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

هٰذَانِ ابْنَایَ وَابْنَا ابْنَتِیْ

**ترجمو:** هي منهنجا پٽ، يعني منهنجي نياڻيءَ جا پٽ (۽ منهنجا ڏوهٽا) آهن.

پوءِ فرمايائون:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اُحِبُّهُمَا فَاَحِبَّهُمَا وَاَحِبَّ مَنْ یُّحِبُّهُمَا

**ترجمو:** اي الله پاڪ! بيشڪ مان هنن ٻنهي سان محبت ڪندو آهيان، تون بہ انهن سان محبت فرماءِ ۽ (قيامت تائين) جيڪو بہ هنن سان محبت ڪري، ان کي بہ پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏ.[1]

جو رسول والا ہے جو حسین والا ہے
باخُدا! وہی بندہ بس خُدا کو پیارا ہے

خُود خُدا نے قرآن میں جابجا یہ فرمایا
جو ہے مُحَمَّد کا وہ ہی ہمارا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## روايت مان ملڻ وارا 2 سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ روايت جيڪا مون هاڻي توهان کي ٻڌائي، ان مان ملڻ وارا 2 سبق عرض ڪيان ٿو:

---

1 ترمذی، ابواب المناقب عن رسول اللہ ، باب مناقب ابی محمد الحسن...الخ، صفحہ:856، حدیث:3776۔

## (1) ٻارن سان فزيڪل اٽيچمينٽ

هن روايت مان پهريون سبق هي ملي ٿو تہ هڪ والد هئڻ جي حيثيت سان اسان جو پنهنجن ٻارن سان تعلق ڪهڙو هجڻ گهرجي. يقيناً سڀئي ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد سان محبت ڪندا آهن ۽ بي پناهہ محبت ڪندا آهن، پر اولاد سان جيڪا فزيڪل اٽيچمينٽ(*Physical ttachment*) آهي، اها اڄڪلهہ گهٽ کان گهٽ ٿيندي پئي وڃي ◈ . والد صاحب ڪمائڻ جي فڪر ۾ ايترا تہ مصروف ٿي ويندا آهن جو ڪين ٻارن ڪي هنج ۾ کڻڻ جو موقعو بہ نہ ملندو آهي ◈ جيڪي غريب آهن، محنت مزدوري ڪندا آهن، اُهي سڄو ڏينهن محنت مشقت ڪري ٿڪجي پوندا آهن. انهن جي گهر اچڻ شرط ٻارن ڪي پاسي تي ڪيو ويندو آهي تہ بابا سائين ٿڪجي آيا آهن، هاڻي انهن ڪي ڪجهہ نہ چئجو، سندن ويجهو نہ وڃجو. جيڪڏهن محبت جا ماريل ٻار پاڻ والد صاحب ڏانهن وڌندا آهن تہ سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪرڻ سبب ٿڪاوٽ ۽ چڙچڙائپ اچي ويندي آهي، تنهنڪري ٻارن ڪي دڙڪا ڏئي پوئتي ڪيو ويندو آهي.◈ ۽ جيڪي امير ماڻهو آهن، جيڪي آفيس ۾ اي سي هيٺان ويهي پُرسڪون ماحول ۾ ڪم ڪري رهيا هوندا آهن، جيتوڻيڪ انهن ڪي اهڙي جسماني ٿڪاوٽ نہ ٿيندي آهي، پر انهن جو ذهني ڪم هوندو آهي. سڄو ڏينهن ڪم ڪري دماغ ٿڪجي چڪو هوندو آهي. پوءِ اڄڪلهہ اسان جي آفيسن (*Offices*) جو ماحول بہ اهڙو هوندو آهي، جو فلاڻي آفيسر چِندَ پَٽِي، فلاڻي فائيل جو مسئلو ٿي ويو، پوءِ گهر اچي بہ ڪم وارن جا فون اچي رهيا هوندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ ٻارن سان فزيڪل اٽيچمينٽ جو ماحول نہ جُڙِي سگهندو آهي ◈ ٻارن ڪي رانديڪا وٺي ڏنا ويندا آهن ◈ ٻارن لاءِ ڪاڏي پيتي جو بهترين انتظام ڪيو ويندو آهي ◈ مهيني ۾ هڪ اڌ پيرو گهمائڻ ڦيرائڻ لاءِ وٺي ويندا آهن ◈ ان

ڪان علاوه ٻارن کي موبائل (*Mobile*) هٿ ۾ ڏئي ڇڏي، وڊيو گيم (*Video game*) هلائي ڏني، وڏي ايل سي ڊي تي ڪارٽون (*Cartoon*) لڳائي ڏنا ۽ کين پاسي تي ويهاري ڇڏيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي انتهائي خطرناڪ معاملو آهي. اسان جي اهڙن روين سبب ◈ نسلي فاصلو يعني جنريشن گيپ پيدا ٿي رهيو آهي، اولاد ۽ ماءُ پيءُ جي وچ ۾ فاصلا وڌي رهيا آهن ◈ هن سان جي ذهن ۾ خوف ويهي ويندو آهي، تحفظ جو احساس گهٽجي ويندو آهي ◈ خود اعتمادي گهٽ ٿي ويندي آهي ◈ طبيعت (*Nature*) ۾ رُڪاوٽ پيدا ٿيڻ لڳندي آهي، توهان ڏٺو هوندو ته اسان جي معاشري (*Society*) ۾ ڪيترائي ماڻهو بلڪل رُکي طبيعت جا هوندا آهن، انهن جي چهري تي سالن کان پوءِ مسڪراهٽ ايندي آهي، ملڻ جلڻ ۾ به تمام رُکا هوندا آهن. اُهي عام طور تي اُهي ئي ماڻهو هوندا آهن جن کي ننڍپڻ ۾ والدين کان فزيڪل اٽيچمينٽ نه ملي هوندي آهي ◈ هيءَ ڳالهه ياد رکو ته ٻار جي پيدائش کان وٺي **5** کان **7** سالن تائين جو عرصو سندس جذباتي نشو ونما (*Emotional Growth*)جو هوندو آهي. ان ۾ ٻار صحيح ۽ غلط (*Right and wrong*) نه سڪندو آهي، هن عمر ۾ ٻار جذبات سکندو آهي، هن عمر ۾ ته اسان ڪيس ٻي جان رانديڪا ڏئي ڇڏيا، گُڏيون، گاڏيون، موبائل وغيره ڏئي ڇڏيا. هاڻي سندس وقت ٻي جان شين سان گذري رهيو آهي، ته پوءِ هو پنهنجو اندر ڪنهن سان کوليندو؟ پنهنجا جذبات ڪنهن تي ظاهر ڪندو؟ والد ڪمائڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي، والده کي گهر جي ڪمن کان فرصت نه ملندي آهي، ٻار ٻي جان شين سان گڏ وڏي رهيو هوندو آهي نتيجي ۾ ٻار جا

جذبات گُهٽن جو شڪار ٿي ويندا آهن، پوءِ اُهو ٻار وڏو ٿي معاشري ۾ ڪو وڏو ۽ اهم ڪردار ادا نہ ڪري سگهندو آهي. تنهنڪري ◈ پنهنجن ننڍن ٻارن کي فزيڪل اٽيچمينٽ مهيا ڪريو! ◈ کين هنج ۾ کڻو! ◈ سندن مُنهُن چُمو ◈ انهن کي ڪلهن تي ويهاريو! ◈ انهن سان ڳالهيون ڪريو! ◈ ڪجهہ وقت انهن سان کيڏو!

## پياري آقا جون پياريون ادائون

مان اوهان کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا پيارا پيارا انداز عرض ڪريان؟ ٻڌو: ◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حسنينِ ڪريمين جو مُنهُن چُمَندا هئا ◈ انهن جي مبارڪ زبان پنهنجي مبارڪ وات ۾ وِجهي چوسيندا هئا ◈ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حسنينِ ڪريمين کي سُنگهَندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: هُمَا رَيْحَانَتِي، يعني هي ٻئي منهنجا گل آهن.[1]

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ٻارن چمڻ، سُنگهَڻ سنت آهي.[2] هيءَ سنت بہ ڪڏهن ڪڏهن ادا ڪرڻ گهرجي ◈ پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا مبارڪ گوڏا ۽ مبارڪ هٿ زمين تي رکي سواري جي شڪل اختيار فرمائيندا هئا ۽ حسنينِ ڪريمين کي پنهنجي پُٺيءَ تي ويهاري لوڏا ڏيندا هئا.[3]

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو نہ پيارو انداز آهي...!! اوهان تصور ڪريو! ٻنهي جهانن جا سردار، مخلوق ۾ انهن کان وڌيڪ شان وارو تہ ڪو آهي ئي ڪو نہ، فرشتا جن جي پيرن جي مِٽي حاصل ڪرڻ لاءِ سِڪندا هجن، اُهي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن شهزادن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا (مختلف) نہ انداز اختيار فرمائيندا

1 مصنف ابن شيبہ، كتاب الفضائل، باب ما جاء فی الحسن والحسين...الخ، جلد:7، صفحہ:514، حديث:17۔
2 مرآة المناجيح، جلد:8، صفحہ:478۔
3 تاريخ مدينہ دمشق، جلد:13، صفحہ:217۔

هئا. سُبۡحٰنَ الله!

## جڏهن امام حسين هنج ۾ ويٺا هئا...!!

اسان وٽ ڪڏهن ڪڏهن ٻارن سان فزيڪل اٽيچمينٽ ۾ **پاڪائي** بہ رڪاوٽ بڻجي ويندي آهي. يعني ٻار **ڪچھ** ڪري ڇڏيندو، ڪپڙا ناپاڪ ٿي ويندا، ان ڪري ٻارن کي کڻڻ ۾ جهجهڪ محسوس ٿيندي آهي.

مان اوهان کي هڪ روايت ٻڌايان ٿو. هڪ ڀيري پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم سان گڏ تشريف فرما هئا، ايتري ۾ امامِ حسين رَضِيَ اللهُ عنه تشريف کڻي آيا ۽ نانا جان سان ڪيڏڻ ۽ محبت ڪرڻ لڳا، ڪيڏندي ڪيڏندي پاڻ نانا جان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سيني پاڪ تي چڙهي ويا.

هاڻي انهيءَ حالت ۾ ننڍڙي شهزادي کي **جيڪو ڪرڻو هو، سو ڪري ڇڏيائون.** صحابہ فرمائن ٿا: اسان پاڻ سگورن ڏانهن وڌياسين تہ جيئن ننڍڙي شهزادي کي کڻي وٺون، پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِبۡنِیۡ اِبۡنِیۡ يعني منهنجي پٽ کي ڇڏي ڏيو...!! جتي آهي، ائين ئي رهڻ ڏيو...!!

ايسيتائين جو جڏهن ننڍڙا شهزادا پنهنجي حاجت کان فارغ ٿي ويا، تڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻي گهرايو ۽ پنهنجو لباسِ مقدس ڌوئي ورتو.[1]

## نماز جي دوران بہ دلجوئي لازم آهي

سُبۡحٰنَ الله! توهان ڏسو! پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن ڏوهٽن سان ڪيتري گهري اٽيچمينٽ (*Deep attachment*) رکندا هئا. اسان کي بہ ان مان سبق سکڻ گهرجي ۽ پنهنجي اولاد سان فزيڪل اٽيچمينٽ رکڻ گهرجي. سيدي اعليٰ

1 الآحاد والمثانی لابن ابی عاصم، رقم:634، ابو ليلى الانصاری، جلد:4، صفحہ:170، حديث:2151۔

حضرت رَحمۃُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: اولاد جي دلجوئي نماز جي دوران بہ ملحوظِ خاطر رکڻ اولاد جي حقن مان آهي.[1]

يعني جڏهن گهر ۾ نماز پڙهي رهيا هجو تہ ٻار ڪڏهن ڪڏهن اچي ويندا آهن، ڪڏهن هنج ۾ ويهي رهندا آهن، ڪڏهن ٽنگن سان چنبڙي پوندا آهن، ڪڏهن مُنهُن چُمندا آهن، سجدي جي حالت ۾ پُٺيءَ تي ويهي رهندا آهن. جڏهن ٻار اهڙيون محبت ڀريون حرڪتون ڪري رهيا هجن، جيتوڻيڪ اسان ان وقت الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر آهيون، پر اهڙي حالت ۾ بہ ٻارن کي اهڙيون حرڪتون ڪرڻ ڏيڻ ۽ انهن جي دلجوئي جو خيال رکڻ، اولاد جي حقن ۾ شامل آهي.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## (2): اهل بيت جي محبت جو تاثير

پيارا اسلامي ڀائرو! شروعات ۾ جيڪا اسان روايت ٻڌي، مون عرض ڪيو هو تہ اُن سلسلي ۾ 2 سبق عرض ڪرڻا آهن، هاڻي ٻيو سبق ٻڌو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حسنينِ ڪريمين جي متعلق دعا فرمائي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اُحِبُّهُمَا فَاَحِبَّهُمَا وَاَحِبَّ مَنۡ يُحِبُّهُمَا

**ترجمو:** اي الله پاڪ! بيشڪ مان هنن ٻنهي سان محبت ڪندو آهيان، تون بہ انهن سان محبت فرماءِ ۽ (قيامت تائين) جيڪو انهن سان محبت ڪري، ان

1⋯ فتاوی رضويہ، جلد:24، صفحہ:453 بتصرف۔

ڪي بہ پنھنجو محبوب بڻائي ڇڏ.[1]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! ھي اَھلِ بيت جي محبت جو تاثير آھي. اللّٰہ پاڪ ھر شيءِ ۾ ھڪ تاثير رکيو آھي: ◈ پاڻي جو تاثير ٿڌو ھوندو آھي ◈ ماني جو تاثير گرم ھوندو آھي ◈ کير جو تاثير سرد تر ھوندو آھي ◈ بادام جو تاثير گرم تر ھوندو آھي ◈ باھ ساڙيندي آھي ◈ پاڻي باھ وِسائيندو آھي. ھر شيءِ جو ھڪ تاثير آھي، اھڙيءَ طرح اَھل بيتِ پاڪ جي خاصيتن مان ھڪ وڏي خاصيت ھيءَ بہ آھي تہ انھن جي محبت انسان کي اللّٰہ پاڪ جو محبوب بڻائي ڇڏيندي آھي.

## اللّٰہ جو محبوب بڻجڻ جو نصاب

بخاري شريف ۾ حديثِ قدسي آھي، اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو: منھنجو قرب حاصل ڪرڻ جو سڀ کان بھترين ذريعو فرضن جي ادائيگي آھي.

يعني بانھو نمازون پڙھي، روزا رکي، ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري، وياج جي ڏيتي ليتي کان بچي، حلال ڪائي، حرام ڏانھن اک بہ نہ کڻي، ۽ جيڪي بہ فرض آھن، سڀ پورا ڪري. ان طريقي سان بانھي کي اللّٰہ پاڪ جو قرب حاصل ٿيندو آھي.

وڌيڪ فرمايو ويو: بانھو نفلن جي ذريعي مسلسل منھنجو قرب حاصل ڪندو رھندو آھي، ڪندو رھندو آھي، حَتّٰى اَحۡبَبۡتُهٗ، ايستائين جو مان ان بانھي کي پنھنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آھيان.[2]

1 ترمذی، ابواب المناقب عن رسول الله ، باب مناقب ابی محمد الحسن...الخ، صفحہ:856، حدیث:3776۔
2 بخاری، کتاب الرقاق، باب التواضع، صفحہ:1597، حدیث:6502 ۔

هي ڄڻ تہ الله جو محبوبِ بڻجڻ جو نصاب بيان ڪيو پيو وڃي، ٻانهو فرض پورا ڪري ان سان گڏوگڏ نفلن جي بہ ڪثرت ڪري، پنج نمازون تہ پڙهندو آهي، تهجد بہ پڙهي، اشراق ۽ چاشت بہ پڙهي، اوابين جا نفل بہ پڙهي ◈ رمضان جا روزا تہ رکندو آهي، ان سان گڏ نفلي روزا بہ رکي ◈ فرض حج تہ ڪري چڪو، هاڻي جيڪڏهن توفيق ملي تہ نفلي حج بہ ڪندو رهي ◈ زڪوات تہ ڏيندو آهي، گڏوگڏ نفلي صدقا بہ ڏيندو رهي ◈ پنهنجي اولاد، ماءُ پيءُ وغيره جن جو خرچ ڪڻڻ فرض آهي، انهن تي خرچ تہ ڪري، پر ساڳئي وقت ٻين جي خيرخواهي بہ ڪندو رهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٻانهو فرضن ۽ نوافل جي ڪثرت ڪندو رهندو آهي، ڪندو رهندو آهي، سالن تائين استقامت سان هن طريقي تي عمل ڪندو رهندو آهي، تڏهن ئي ڪيس وڃي اِهو رتبو حاصل ٿيندو آهي جو الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

پر قربان وڃجي! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اَهلِ بيت تان! تہ اُهو تاثير جيڪو الله پاڪ فرضن ۽ نفلن جي ادائيگي ۾ رکيو آهي، ساڳيو ئي تاثير اَهل بيتِ پاڪ جي محبت ۾ بہ رکيو آهي تہ جيڪو انهن سان محبت ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

## درويشي ڇا کي چوندا آهن...؟

شيخ اَمان پاني پتي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ فرمائن ٿا: منهنجي نظر ۾ درويشي ٻن شين جو نالو آهي: **(1):** حُسنِ اخلاق **(2):**

محبتِ اَهلِ بيت.[1]

## دل سان جيڪو شيدا ٿيو اصحاب ۽ اهلِ بيت جو

تيمور لنگ تيموري سلطنت جو باني ۽ پهريون حڪمران آهي. شيخ زينُ الدِّين بغدادي رَحمۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: تيمور لنگ مرضُ الموت (يعني اها آخري بيماري جنهن سبب سندس وفات ٿي هئي) ۾ مبتلا هو. هڪ ڏينهن شديد غم جي ڪري سندس چهرو ڪارو (***Black***) ٿي ويو، رنگ بدلجي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن سندس حالت سڌري ته ماڻهن صورتحال پڇائي ته بيماري جي شدت (***Intensity***) سبب اوچتو اوهان جو چهرو ڪارو ٿي ويو هو، رنگ بدلجي ويو هو. ان تي تيمور لنگ چيو: مون عذاب جا فرشتا ڏٺا هئا، اهي منهنجي طرف اچي رهيا هئا. انهن کي ڏسي مون تي شديد غم (***Intense Sadness***) جو غلبو ٿيو، جنهن جي ڪري منهنجو رنگ ڪارو ٿي ويو هو. پوءِ جلد ئي امت جا غمخوار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ فرشتن کي فرمايائون: هن کي ڇڏي ڏيو، ڇو ته هي منهنجي اولاد (يعني سيد زادن) سان محبت ڪندو آهي. اهو ٻڌي فرشتا واپس هليا ويا.

علّامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحمۃُاللّٰہِعَلَیۡہ لکن ٿا: تيمور لنگ جي انتقال کان پوءِ ڪنهن خواب ڏٺو ته پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما آهن ۽ سندن پرسان تيمور لنگ به ويٺو آهي. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ڏسڻ واري کي فرمايو: اي محمد بن حسن! تيمور

[1] اخبار الاخيار، شيخ امان پانی پتی، صفحه:241 ماخوذاً.

منهنجي اولاد سان محبت ڪندو آهي. [1]

فضلِ رَبّ سے دوجہاں میں کامیابی پائے گا
دِل سے جو شیدا ہوا اَصحاب و اَہلِ بیت کا

اے خُدائے مصطفٰے! ایمان پر ہو خاتمہ
مغفرت کر! واسطہ اَصحاب و اَہلِ بیت کا

جینا مرنا اُن کی الفت میں ہو یاربّ! اور ہو
قربِ جنّت میں عطا اَصحاب و اَہلِ بیت کا [2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ بيت جي محبت بلند مرتبي تي پهچائي ڇڏيو

حضرت ابو نصر بِشر بن حارث حافي رَحمةُاللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مون کي هڪ ڀيري خواب ۾ حضور نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: اي بِشر! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ الله پاڪ توکي تنهنجي زماني جي اوليائن کان وڌيڪ بلند مرتبو ڇو عطا فرمايو آهي؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مان نہ ٿو ڄاڻان. جنهن تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ان ڪري جو تون ◈ منهنجي سنت جي پيروي ڪندو آهين ◈ نيڪ ماڻهن جي خدمت ڪندو آهين ◈ پنهنجن مسلمان ڀائرن جي خيرخواهي (يعني ڪين نصيحت) ڪندو آهين ◈ ۽ (سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهہ) منهنجي صحابہ ڪرام ۽ منهنجي اَهلِ بيتِ اطهار (رَضِيَ اللهُ عنهم) سان محبت ڪندو آهين. اِهي ئي اُهي سبب آهن جن توکي نيڪ ماڻهن جي درجن تائين پهچائي ڇڏيو آهي. [3]

---

1…اَلشَّرْفُ الْمُؤَبَّد لآلِ محمد ،مقصد الثالث ،فصل جملة آثارو قصص...الخ، صفحہ:102 ملتقطًا۔
2…وسائلِ فردوس ،صفحہ:35۔
3…رسالہ قشيريہ،باب فی ذکر مشايخ هذه الطريقہ، ابو نصر بشر بن ...الخ ، صفحہ:31۔

حُبِّ اہلِ بیت دے آلِ مُحَمَّد کے لئے | کر شہیدِ عِشق حمزہ پیشوا کے واسطے
دو جہاں میں خادمِ آلِ رسول اللہ کر | حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا کے واسطے (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ان وقت تائين مومن نہ ٿو ٿي سگهي

سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختيار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهٖ ڪو بہ شخص ان وقت تائين مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي، جيسيتائين مان ان ڪي سندس جان کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃان، وَتَكُوْنَ عِتْرَتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ عِتْرَتِهٖ ۽ منهنجي اولاد ڪيس پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پياري نہ هجي، وَذَاتِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ ذَاتِهٖ ۽ منهنجي ذات ڪيس پنهنجي ذات کان وڌيڪ محبوب نہ هجي، وَيَكُوْنَ اَهْلِيْ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ اَهْلِهٖ ۽ منهنجا اَهلِ بيت ڪيس پنهنجي گهر وارن کان وڌيڪ پيارا ۽ محبوب نہ هجن. (2)

## محبتِ اهلِ بيت عشقِ رسول جو نتيجو

حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنهُما کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَحِبُّوا اللهَ لِمَا يَغْذُوْكُمْ مِنْ نِعَمِهٖ الله پاڪ سان محبت ڪريو، ڇاڪاڻ تہ هو توهان ڪي پنهنجن نعمتن سان نوازي ٿو. وَاَحِبُّوْنِيْ بِحُبِّ اللهِ ۽ الله پاڪ جي محبت جي ڪري مون سان محبت ڪريو (ڇاڪاڻ تہ مان حبيبُ الله آهيان)، وَاَحِبُّوْا اَهْلَ بَيْتِيْ لِحُبِّيْ ۽ منهنجي محبت جي ڪري منهنجي

---

1…حدائقِ بخشش ،صفحہ:150 – 151 ملتقطًا۔

2…شعب الایمان، باب فی حب النبی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ، فصل فی براة …الخ، جلد:2، صفحہ:189، حدیث:1505۔

اهلِ بيت سان محبت رکو[1].

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته صحابهِ ڪرام ۽ اَهلِ بيتِ پاڪ سان محبت رکڻ عشقِ رسول جو نتيجو آهي. مؤمن ڀانهي جي سچاٽپ هيءَ آهي ته هُو الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي ۽ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ واري جي نشاني هي آهي ته هُو قرآن ڪريم سان محبت ڪندو آهي ۽ قرآن ڪريم سان محبت ڪرڻ واري جي سچاٽپ هي آهي ته ان جي دل ۾ محبوبِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت هوندي آهي ۽ جنهن دل ۾ محبتِ رسول موجود هوندي آهي، ان جي سچاٽپ هيءَ آهي ته ڪيس صحابهِ ڪِرام سان به محبت هوندي آهي ۽ هُو اَهلِ بيتِ پاڪ سان به محبت ڪندو آهي. هي سيئي تعلق ملائڻ جو نتيجو هي نڪتو ته صحابهِ ڪرام ۽ اَهلِ بيتِ پاڪ جي محبت مسلمان هجڻ جي نشاني آهي.

اَہلِ سُنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ حُضُور | نجم ہیں اور ناؤ ہے عِترتِ رسولُ اللہ کی (2)

**وضاحت:** يعني اسان عاشقانِ رسول جو ٻيڙو اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیم! دنيا، قبر، قيامت ۽ پل صراط هر هنڌ پار ئي پار آهي، ڇو ته الله پاڪ جي فضل سان اسان هدايت جي ستارن يعني صحابهءِ ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان به محبت ڪندا آهيون ۽ فتنن جي طوفان کان بچائڻ واري ٻيڙي يعني اولادِ مصطفيٰ سان به محبت ڪندا آهيون.

## عاشقانِ اهلِ بيت جو جنت ۾ داخلا جو منظر

امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن حضرت

1 ترمذی،ابواب المناقب عن رسول اللہ ، مناقب اہل بیت النبی،صفحہ:859،حدیث:3796 ۔
2…حدائق بخشش، صفحہ:153۔

مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عنہ مالڪِ جنت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي! اُهي چار ماڻهو جيڪي سڀ کان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا، انهن مان هڪ مان آهيان، هڪ تون آهين ۽ ٻه تنهنجا پٽ حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہما آهن، اسان جي اولاد اسان جي پويان هوندي ۽ انهن جي پويان اسان جون ازواج هونديون. حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عنہ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! اسان جو گروهه (يعني اسان سان محبت ڪرڻ وارا) ڪٿي هوندا؟ فرمايائون: تنهنجو گروهه تنهنجي پويان پويان جنت ۾ داخل ٿيندو.(1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا ته شان آهي ...!! ذرو تصور ته ڪريو! اُهو ڪيڏو نه حَسِين منظر هوندو اسان جي جان کان پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم، حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ۽ حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عنہما گڏجي جنت ۾ داخل ٿي رهيا هوندا، انهن جي پٺيان پٺيان ساداتِ ڪرام هوندا ۽ الله پاڪ چاهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیم! اسان عاشقانِ صحابه ۽ اَهلِ بيت به انهن جي پٺيان پٺيان جنت ۾ پهچي ويندا سين.

باغِ جنّت میں مُحَمَّد مسکراتے جائیں گے
پُھول رحمت کے جھڑیں گے، ہم اُٹھاتے جائیں گے

## ساداتِ ڪِرام جا ڪجهه آداب

الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۾ هڪ نالو حضرت علي خوّاص رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو به آهي. پاڻ وڏا ڪامل ولي هئا ۽ ساداتِ ڪرام جي ادب تي تمام گهڻو زور ڏيندا هئا. فرمائن ٿا: ساداتِ ڪرام جي حقن مان هي حق به آهي ته اسان مٿن

1...تاريخ ابن عساڪر، رقم:1566، حسين بن علی ابی طالب رَضِیَ اللّٰہُ عنہما ، جلد:14، صفحه:169۔

پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون، ڇوته اِهي حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جگر جا ٽڪرا آهن ◈ ساداتِ ڪرام جي آداب مان آهي ته انهن جي سامهون پاڻ کي نه ڏسون (يعني انهن سان انتهائي عاجزي سان پيش اچون ۽ پنهنجون ضرورتون انهن تي قربان ڪريون) ◈ پاڻ کي انهن تي ترجيح نه ڏيون ◈ سيد صاحب توڙي جو بي علم هجن، تڏهن به سندن ادب بجا آڻيون ◈ حضرت علي خوّاص رَحمةُاللهِعَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: پنهنجي خواهشن تي ساداتِ ڪرام جي رضا کي مقدم رکو ۽ سندن پوري تعظيم ڪريو.[1]

## اهلِ بيت سان بغض رکڻ وارن جو انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن اولادِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان محبت رکڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، ائين ئي انهن سان بغض ۽ دشمني رکڻ جون به تمام سخت وعيدون آهن. جيئن:

## اهلِ بيت سان دشمني رکڻ وارو جهنمي

حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنهما کان روايت آهي، سرڪارِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن ڪو شخص ڪعبي شريف ۽ مقامِ ابراهيم جي وچ ۾ نمازون پڙهي، اتي ئي رهي روزا رکي ۽ پوءِ اُهو اَهلِ بيت جي دشمني تي مري وڃي ته اهو جهنم ۾ ويندو.[2]

باغِ جنّت کے ہیں بہرِ مدح خوانِ اَہلِ بیت | تم کو مژدہ نار کا اے دُشمنانِ اَہلِ بیت (3)

**وضاحت:** جيڪي اَهلِ بيتِ پاڪ سان محبت ڪندا آهن ۽ انهن جون تعريفون

---

1…تنوير الازہار ترجمہ نور الابصار، جلد:1، صفحہ:363 و364 خلاصۃً۔

2…معجم کبير،جلد:5،صفحہ:319، حديث:11249۔

3…ذوقِ نعت،صفحہ:100۔

بيان ڪندا آهن، انهن جي لاءِ جنت جا باغ آهن ۽ جيڪي اَهلِ بيت جا دشمن آهن، انهن جي لاءِ جهنم جي وعيد آهي.

## سچو عاشقِ اهلِ بيت ڪير....؟

آخر ۾ هڪ اهم وضاحت (*Important explanation*) ٻڌي وٺو! اسان ڪي اَهلِ بيتِ پاڪ سان محبت ڪرڻي آهي، پر اَهلِ بيت جي سچي محبت ڇا کي چئبو آهي؟ اِهو به سمجهي ڇڏيو: روايت آهي ته: هڪ ڏينهن حضرت اميرِ معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عنہ خطبو ڏئي رهيا هئا ته ايتري ۾ امامِ عالي مقام، امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ تشريف ڪڻي آيا. حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جلدي جلدي خطبو مڪمل ڪيو ۽ منبر تان هيٺ لهي آيا. هاڻي حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ منبر تي تشريف فرما ٿيا. پاڻ الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا بيان ڪيائون، پوءِ فرمايائون: مون ڪي منهنجي نانا جان ٻڌايو آهي ته الله پاڪ فرمائي ٿو: عرشِ اعظم جي پائي جي هيٺان سائي رنگ جي هڪ تختي آهي، جنهن تي لکيل آهي: اي آلِ محمد جا گروهه! توهان مان جيڪو به قيامت جي ڏينهن لَا اِلٰہَ اِلَّا الله جي شاهدي ڏيندو ايندو، الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو.

اِهو ٻڌي حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عنہ پڇيو: اي ابوعبدالله (يعني امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ)! آلِ محمد جو گروهه ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: اُهو جيڪو شَیْخَیْن يعني حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر کي، حضرت عثمانِ غني کي، منهنجي والدِ محترم مولا علي کي ۽ اي معاويه! توهان کي بُرو پلو نه چوندو هجي، اُهو آلِ محمد جو گروهه آهي. (1)

---

1…تاريخ ابن عساكر، رقم:1566، حسين بن على بن ابى طالب رَضِیَ اللّٰہُ عنہما ، جلد:14، صفحه:114۔

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ جيڪو صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم جو بہ ادب ڪندو آهي، نبيءَ جي چئن يارن جو بہ ادب ڪندو آهي ۽ خالُ المؤمنين (يعني سيني مسلمانن جا ماما جان) حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عنه جي خلاف بہ زبان درازي نہ ڪندو آهي، اهو سچو عاشقِ اَهلِ بيت آهي.

الله پاڪ اسان کي صحابہ ڪرام ۽ اَهلِ بيتِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ عنهم جو باادب، سچو عاشق بڻائي ۽ انهن جي دشمني ۽ گستاخي کان هميشہ محفوظ فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

محفوظ سدا رکھنا شہا! بےادبوں سے | اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بےادبی ہو (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: شعبو اوقات الصلواة

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ دين جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي. انهن شعبن مان هڪ اهم شعبو اوقاتُ الصّلاة بہ آهي.

اَلحمدُ لله! هن شعبي جي تحت مسلمانن جي آساني لاءِ اعليٰ حضرت رَحمةُ الله عَلَيْه جي تحقيق مطابق سڄي دنيا جي بيشمار شهرن جا اوقاتِ نماز ۽ سحري

1… وسائلِ بخشش، صفحہ:315.

۽ افطاري جا نقشا تيار ڪيا ويا آهن، جيڪي: ◈ مختلف سائيز جي ڪارڊن ◈ چارٽن ◈ ۽ ڪتابي شڪل ۾ دستياب آهن.

◈ ان سان گڏوگڏ هڪ منفرد سافٽ ويئر (*Auqaat-us-Salaat*) ۽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن *Prayer Times* جي نالي سان به تيار ڪيا ويا آهن، جنهن جي ذريعي دنيا جي ڪنهن به علائقي جي نماز جا وقت ۽ قبلي جو طرف معلوم ڪري سگھجي ٿو ◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ جماعت جي وقت موبائل کي آٽوسائلينٽ ڪرڻ جو آپشن به موجود آهي ◈ ان کان علاوه قرآن پاڪ عربي متن، ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي◈ اذڪار (روحاني علاج) به شامل ڪيا ويا آهن ◈ ڪائونٽر تسبيح جي ذريعي اوهان پنهنجا روزاني جا اوراد پڙهي سگھو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي توهان ريڊيو مدني چينل به ٻڌي سگھو ٿا ◈ اذڪارِ نماز کي به تجويد سان شامل ڪيو ويو آهن ◈ عيسوي ۽ اسلامي ڪيلينڊر(*Calendar*) جي سهولت به موجود آهي ◈ ان کان علاوه توهان هن ايپلي ڪيشن جي ڊيش بورڊ (*dashboard*)کي ٻن رنگن جي ٿيم(*Two Color Theme*) ۾ به استعمال ڪري سگھو ٿا.

◈ وڌيڪ هي ته اَلحمدُلله! هن شعبي جي تحت هڪ اهڙو سافٽ ويئر تيار ڪيو ويو آهي، جنهن جي ذريعي مسجدن ۾ لڳل ڊجيٽل گھڙيالن ۾ هن شعبي پاران تيار ڪيل نماز جا وقت انسٽال ڪيا پيا وڃن. سيئي اسلامي ڀائر مڪتبة المدينہ پاران جاري ڪيل انهن نماز جي اوقات جي چارٽن کي حاصل ڪريو. انهن جو اسان جي گھرن، مسجدن ۽ نماز پڙهڻ وارين جاين تي هجڻ

تمام ضروري آهي تہ جيئن اسان پنهنجين نمازن جي بهتر طريقي سان حفاظت ڪري سگهون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ايپلي ڪيشن جو تعارف: بهارِ شريعت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. ان سلسلي ۾ اَلحمدُ لله! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن **بهارِشريعت** لانچ ڪئي وئي آهي. ◈ صدرُالشريعه، مولانا امجد علي اعظمي رَحمةُاللهِ عَلَيْه جي شاهڪار تصنيف **بهارِشريعت** جا ٽئي جلد هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ◈ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيتون، احاديث، اصطلاحات ۽ لغت بہ هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن. ◈ توهان هن ايپلي ڪيشن ۾ گهربل متن تلاش بہ ڪري سگهو ٿا. ◈ سرچ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هِن ۾ اردو ڪِيبورڊ جي سهولت بہ موجود آهي تہ جيئن ايپلي ڪيشن ۾ ڳولا ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ محرم شريف جي مدني مذاڪرن جو سلسلو جاري آهي، جيڪو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! **11** **محرم شريف** تائين جاري رهندو. هي مدني مذاڪرا روزانو

رات جو 9 لڳي 45 منٽن تي مدني چينل تي لائيو نشر ٿي رهيا آهن. سڀئي ذميدار اسلامي ڀائر ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه يا خليفهءِ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**فضائلِ اَهلِ بيت**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر(*Share*) ڪريو. ◈ مڪتبة المدينہ سلطانِ ڪربلا، سيدُ الشهداء، امامِ عالي مقام حضرت امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جي سيرت، فضائل ۽ ڪرامتن تي مشتمل شاندار رسالو **امام حسين** رَضِيَ اللّٰهُ عَنه **جون ڪرامتون** شايع ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ايمان جي حفاظت ۽ ان تي استقامت بابت واقعن تي مشتمل رسالو **حسيني گهوٽ** به شايع ڪيو آهي. رسالو امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جون ڪرامتون **30 روپين** ۾ ۽ رسالو حسيني گهوٽ **20 روپين** ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان قيمتاً حاصل ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محرم شريف جي قافلن جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! عالمي سطح تي شهداءِ ڪربلا ۽ امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنه جي بارگاهہ ۾ ثواب جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا مبلغ الله پاڪ جي راهہ ۾ سفر ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن، علمِ دين سکندا ۽

سيڪاريندا آهن. هر سال جيان هن سال بہ **8، 9 ۽ 10 محرم شريف 1448 هجري** تي شهداءِ ڪربلا جي ايصالِ ثواب لاءِ قافلا سفر ڪندا. توهان بہ **3 ڏينهن** جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت فرمايو. الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## فيضانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت اجتماعي دعوت

دعوتِ اسلامي صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت اطهار سان محبت ڪرڻ وارن جي ديني تنظيم آهي. محرم الحرام جي پهرين 10 ڏينهن ۾ يو سي (UC) جي سطح تي صحابہ ۽ اهلِ بيت رضي الله عنهم جي ذڪرِ خير جا اجتماعات ٿي رهيا آهن.

توهان کي عرض آهي تہ پنهنجي يوسي ۾ ٿيندڙ اجتماعات، خاص طور تي پنهنجي علائقي ۾ ٿيندڙ 10 محرم الحرام (عاشوري جي ڏينهن) جي اجتماع ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿيو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو.

الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہ عليہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي عاشورا (يعني **10** محرم شريف) سان لاڳاپيل ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

## عاشورا (10 محرم شريف) جي ڏينهن ۽ رات ۾ ڪرڻ وارا ڪم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون کي الله پاڪ مان اميد آهي تہ عاشورا (يعني **10** محرم شريف) جو روزو هڪ سال اڳ جا گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي.

(1)

## عاشورا جي رات ۽ ڏينهن ۾ ڪرڻ وارا ڪم:

◈ عاشورا جي رات جو عمل: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: عاشورا جي رات ( يعني 9۽ 10 محرم شريف جي وچ واري رات) 4 نفل هن طرح ادا ڪريو جو هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ آيةُالكرسى هڪ ڀيرو ۽ سورة اخلاص ٽي ٽي ڀيرا پڙهو، پوءِ نماز کان فارغ ٿي 100 ڀيرا سورة اخلاص پڙهو. هن جي برڪت سان گناهن کان پاڪ ٿي ويندؤ ۽ جنت ۾ بي انتها نعمتون ملنديون. (2)

◈عاشورا جي ڏينهن جا ڪجهه عمل: ◈ روزو رکڻ: هن ڏينهن خاص طور تي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بہ روزو رکيو ۽ روزو رکڻ جو حڪم فرمايو [3] گڏوگڏ 9 يا 11 محرم شريف جو روزو بہ ان سان ملائڻ جو ارشاد فرمايو. [4]

◈ رزق ۾ ڪشادگي جو نسخو: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو **10 محرم شريف** تي پنهنجي ٻارن جي خرچ ۾ ڪشادگي ڪندو تہ الله پاڪ سڄو سال ان کي ڪشادگي عطا فرمائيندو. حضرت سفيان ثوري رَحمةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان هن حديث پاڪ جو تجربو ڪيو تہ ائين ئي ڏٺوسين. [5]

◈ عاشورا جي ڏينهن جون وڏيڪ 10 نيڪيون: **(1):**صدقو ڪرڻ **(2):** نفل نماز پڙهڻ **(3):** هڪ هزار ڀيرا سورة اخلاص پڙهڻ **(4):** عالمن جي زيارت ڪرڻ **(5):**

---

1…مسلم، كتاب الصيام،باب فضل استحباب صيام…الخ، صفحه:423، حديث:1162۔

2…جنتی زیور،صفحه:157بتغير ۔

3…بخاری،كتاب الصوم، باب صيام يوم عاشوراء، صفحه:524، حديث: 2004ملتقطاً۔

4…مسند امام احمد،جلد:2، صفحه:100، حديث:2191۔

5… مشكوٰة المصابيح،كتاب الزكاة، جلد:1، صفحه:365، حديث:1926 ۔

يتيمن جي مٿي تي هٿ ڦيرائڻ **(6):** غسل ڪرڻ **(7):** سُرمو پائڻ **(8):** نَنهَن لاهڻ **(9):** بيمارن جي عيادت ڪرڻ **(10):** صلح صفائي ڪرڻ وغيره.[1]

◈ **شهداءِ ڪربلا کي ايصالِ ثواب ڪرڻ:** امامِ عالي مقام حضرت امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ۽ انهن سان گڏ دينِ اسلام جي سربلندي لاءِ شهيد ٿيڻ وارن جي ايصالِ ثواب لاءِ قرآن خواني، ذڪر ۽ درود، نذر ۽ نياز جو به اهتمام ڪريو. ٿي سگهي ته قافلن ۾ سفر ڪريو ۽ مڪتبة المدينہ تان مختلف رسالا خريد ڪري ورهايو.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رب کے در پر جھکیں، اِلتجائیں کریں بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…جنتی زیور،صفحہ:157ملخصاً۔

2…وسائلِ بخشش،صفحہ:670-671 ملتقطًا۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. (3)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهُ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2...مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة ...الخ،254/10،حديث:17305

3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455